# 4 سامي ءَ جا سَلوڪ

چئنراءِ ٻچومل لنڊ (1850 - 1743ع) ’سامي‘ شڪارپور سنڌ جو رهندڙ هئو. هن ڪجهه ورهيه اَمرتسر ۾ پڻ وڻج واپار سانگي گذاريا. پوءِ جلد ئي واپس شڪارپور اَچي هاٿي در وٽ هڪ مڙهيءَ ۾ اَچي ديرو ڄمايائين. هوُ اُتي گرمُکيءَ ۾ چٽڪين تي پنهنجا سلوڪ لکي هڪ مٽڪي اندر رکندو هو، جيڪي سندس پُٽ گهنشامداس گڏ ڪندي هٿيڪا ڪري رکيا.

چئنراءِ در اَصل پنهنجي گرو سامي مينگهراج کي عزت ڏيڻ لاءِ ’سامي‘ تخلص هيٺ پنهنجا سلوڪ رچيا آهن. هن جي سلوڪن ۾ ويدانت جو ذڪر ڪيل آهي.



پڙهو، ڳايو ءِ سمجهو.

وِدِيا وِڇائي، اَوِدِيا ڏُک اندر جو؛
جيئن پاڻي باهه کي، ٻانيَڙَ ٻُجهائي،
سوُرج لَکائي، سڀ پدارٿ پڌرا.

موُرَک ڪَرِ مَ موهُ، ڪايا مايا ڪُل سان؛
ڇَڏي ويندءِ چِن ۾، ٻوهِي ڪري ٻوهُ،
اُلِٽو ڏيندءِ ڏوهُه، سامي ڇَئي سِرَ تي.

ڳالهيوُن سَپيئِي، اَٿي ڪوُڙيون گُرَ ويساهَ ري؛
ويدَ پُرانَ سِڌَ ساڌَ جَنَ، وَجي پُڇُ پيهِي،
مَنُ مَنِسا ڏيئي، تُون سَمُجهِي ڏِسُ سامي چئي.

ٽيئي لوڪَ رُلِي، سانِت نه آئِي جيءَ کي،
مِلي ساڌ سنگِت سان، اَوِدِيا ڳنڍِ کُلي،
ويئي پاسَ پُلي، سامي ڇَئي سَنسارَ جِي.

## نوان لفظ

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اَوِدِيا | اَگيان | لَکائي | ڏيکاري | ڪايا | شرير | ٻوهي | ٺڳ |
| ٻوهه | ٺڳي | ري | سواءِ | سِڌُ | پهتل | منسا | وشواس |
| رُلي | پِٽڪي | ويساهه | وشواس | پيهي | گهرائيءَ سان | پاس | احساس |

## اَڀياس

**سوال.١. هيٺين سوالن جا جواب هڪ جملي ۾ لکو.**

١) اَوديا جو دُک ڪير مِٽائيندي؟
٢) موهُه ڪنهن ۾ نہ رکڻ گهرجي؟
٣) ڪهڙي ڳالهہ سچي آهي؟
۴) اَوديا جي ڳنڍ ڪيئن کُلندي؟

**سوال.٢. هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

١) شاعر مورک ڪنهن کي چيو آهي؟
٢) وديا جي اَهميت ڪيئن سمجهايل آهي؟

## پورڪ اَڀياس

(١) شعر - بند تي مشغوليون.

مورک ڪر مَ موهہ .................... ڏس سامي چئي.

١) هيٺين ياداشت پوري ڪريو.

| ’م‘ سان شروع ٿيندڙ لفظ | ’ڪ‘ سان شروع ٿيندڙ لفظ | ’نہ‘ سان ختم ٿيندڙ لفظ | ’س‘ سان شروع ٿيندڙ لفظ |
|---|---|---|---|
| | | | |

٢) اُهي سٽون ڳولهيو جيڪي هيٺ ڏنل سٽن سان ٺهڪي اَچن.

(الف) دُنيا اَست آهي.
(ب) وشواس رکي تون سمجهہ.

٣) هيٺ ساڳئي معنيٰ وارا لفظ ڪٺي جوڙا ملايو.

| | |
|---|---|
| (1) مايا | (i) ڪتب |
| (2) ويساهہ | (ii) ممتا |
| (3) موهہ | (iii) وشواس |
| (4) ڪُل | (iv) پيسا |

٢) اَڻ ٺهڪندڙ لفظ مٿان گول پايو.

مثال : اوندهہ، اَنڌيرو، روشني، اونداهي

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| (الف) | شوق، | چاهہ، | اِڇا، | دلچسپي |
| (ب) | خير، | غم، | ڀلو، | ڀلائي |
| (ڪ) | ٻر، | جهنگل، | سُڃ، | ساوڪ |
| (د) | محل، | جهوپڙي، | حويلي، | بنگلو |